شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دامت برڪاتهم العاليه جي مبارڪ زندگيءَ جا سونهري ورق

دامت برڪاتهم العاليه

# اميرِ اهلسنت جو تذڪرو

قسط(1)

سنڌي ترجمو




مبارڪ هستيون ص 1 — بزرگن جي يادگار شخصيت ص 5
مان ڪيئن مسلمان ٿيس ص 13 — نسبت جون برڪتون ص 23
عظيم ديني خدمتون ص 30 — امام اهلسنت رحمة الله عليه جي مبارڪ فتويٰ ص 34
سرڪار صلي الله تعالیٰ عليه وآله وسلم جو عطار جي نالي پيغام ص 38



مڪتبة المدينه
SC1286

پيشڪش: شعبه اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه
مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

## درود شريف جي فضيلت

شيخ طريقت امير اهلسنّت، بانيءِ **دعوتِ اسلامي**، حضرتِ علامہ مولانا اَبوبلال **محمد الياس عطار قادري** رضوي ضيائي دامت برڪاتهم العاليه پنهنجي رسالي "**امام احمد رضا جو تذڪرو**" جي صفحي 1 تي نقل فرمائن ٿا تہ **رحمت عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، شفيع امم، رسولِ اڪرم** صلى الله تعالیٰ عليه وآله وسلم جن جو فرمانِ شفاعت نِشان آهي: "**جيڪو مون تي درود شريف پڙهندو مان ان جي شفاعت فرمائيندس**." (القول البديع ص 117 دارالڪتب العلميه بيروت)

www.dawateislami.net

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مبارڪ هستيون

**الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ اسلام اهڙو سچو ۽ ڪامل دين آهي جيڪو قيامت تائين قابلِ عمل آهي. جڏهن بہ ان جو نالو وٺڻ وارن تي آزمائشن جا طوفان هليا، نوان نوان فتنا ظاهر ٿيا ۽ گمراهيءَ جا ڪڪر ڇانئجي وڃڻ سان گڏوگڏ بي حيائي ۽ گناهہ عام ٿي رهيا هئا، بدعقيدگيءَ جي دعوت عام ٿيڻ سبب ماڻهو نيڪيءَ جي رستي کان پري ٿيڻ لڳا تہ الله رب العزت دينِ اسلام ۾ پيدا ٿيڻ واري هن بگاڙ کي ختم ڪرڻ ۽ پنهنجي محبوب، داناءِ

غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب جي سنّتن کي زنده ڪرڻ جي لاءِ هر هر دؤر ۾ هن امتِ مرحومہ کي اهڙيون هستيون عطا فرمايون، جيڪي علم ۽ عمل جي نُور سان مُنَوّر ٿيڻ سان گڏوگڏ مُعاشري ۾ انقلاب پيدا ڪرڻ جي مجاهدانہ صفتن سان مالا مال هيون.

جڏهن مُعاشرو انهن جي تجديدي ڪوشش جي خوشبودار مدني گلن سان معطر مهڪڻ لڳو تہ فتنا ختم ٿيڻ شروع ٿيا ۽ گمراهيءَ جا ڪکر هٽي ويا، ڇڙواڳيءَ جي طوفاني شدت ۾ گهٽتائي اچي وئي. بي عمليءَ جي ٻوڏ جو زور ٽُٽڻ لڳو ۽ اسلام جو وڻ ٻيهر سرسبز ۽ شاداب ٿي ٽِڙڻ لڳو. هر طرف سنّتن جي بهار اچي وئي، روحانيّت جا گل ٽِڙيا، علم جا چشما جاري ٿيا، عمل جا درياءَ وهڻ لڳا ۽ عاشقانِ رسول، گلستانِ اسلام جا مهڪندڙ گل ”**پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح**“ جي مقدس جذبي جي تحت سنّتن جي خوشبو هر طرف ڦهلائڻ لڳا.

**الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ سنّت کي جيارڻ ۽ اسلام جي بقا جي لاءِ انقلابي جدوجهد ڪرڻ واريون اهڙيون شخصيتون هر صديءَ ۾ پنهنجو فيض عام ڪنديون آهن جيئن حضرتِ سيِّدُنا ابوهُريره رضي الله تعالیٰ عنه کان روايت آهي حضور سراپا نُور، فيض گنجور، شاهِ غيور صلی الله تعالیٰ عليه واٰلهٖ وسلم جو فرمانِ عاليشان آهي. **مَنْ اَحْيَا سُنَّتِيْ بَعْدَ مَا اُمِيْتَتْ فَلَهٗ اَجْرُ مِائَةِ شَهِيْدٍ**

www.dawateislami.net

ترجمو: بيشڪ الله تعاليٰ هن امت جي لاءِ هر صدي (يعني سؤ سال) جي آخر ۾ اهڙي شخص کي موڪليندو جيڪو هن دين جي تجديد ڪندو (سنن ابوداؤد، الحديث 4291 ج 4 ص 138)

شيخ الاسلام بدر الدين ابدال رَحۡمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیۡہِ فرمائن ٿا: "عام طور تي ائين ٿي ٿيندو آهي تہ صدي جي ختم ٿيندي ئي امت جا علماء بہ ختم ٿي ويندا آهن. ديني ڳالهيون مٽجڻ لڳنديون آهن، بدمذهبي ۽ بدعت ظاهر ٿيندي آهي، ان لاءِ دين جي تجديد (يعني نئون روح ڦوڪڻ) جي ضرورت پوندي آهي. ان وقت الله تعاليٰ اهڙي عالم کي ظاهر ڪندو آهي جيڪو انهن خرابين کي دور ڪندو آهي ۽ انهن بُراين کي سيني جي سامهون علي الاعلان بيان ڪري دين کي نئين سر سان نئون ڪري ڇڏيندو آهي. اهو سلف صالحين جو بهتر عوض، خير الخلف، (سٺو نائب) نعم البدل ٿيندو آهي."

(رسالو مرضية في نصرة الاشعرية بحوالہ حيات اعليٰ حضرت ج 3 ص 126)

تجديدِ دين جي معنيٰ بيان ڪندي خليفهءِ اعليٰ حضرت، ملڪ العلماء، حضرتِ علامہ محمد ظفر الدين بهاري عليه رحمة الباري فرمائن ٿا: "تجديد جي معنيٰ اها آهي تہ انهن ۾ هڪ صفت يا صفتون اهڙيون موجود هجن، جن مان امت محمديہ علي صاحبها افضل الصلوٰة والتسليم کي ديني فائدو ٿئي. جيئن تعليم ۽ تدريس، وعظ، امر بالمعروف، نهى عن المنكر ماڻهن کان مڪروهہ (يعني ناپسنديده ڳالهيون) ختم ڪرڻ، اهلِ حق جي امداد."

(حياتِ اعليٰ حضرت ج 3 ص 124)

www.dawateislami.net

# سلف صالحين جي مدني ڪم جو انداز

جيڪڏهن اسان پنهنجي اڪابرين (يعني بزرگن) جي زندگيءَ جي حالتن جو مطالعو ڪريون ته هن نتيجي تي پهچنداسين ته نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ وارن اڪثر بزرگانِ دين جو طريقو اهو ئي رهيو آهي ته انهن پنهنجي حڪمت ۽ فراست (يعني ڏاهپ) ۽ اجتماعي ۽ انفرادي ڪوشش جي ذريعي گناهن ڀري زندگي گذارڻ وارن ماڻهن جي زندگين ۾ مدني انقلاب پيدا فرمائي ڇڏيو. جنهن جي بَرَڪت سان اهي ماڻهو گناهن ڪان توبهه تائب ٿي نه صرف فرضن ۽ واجبن جي پابندي ڪرڻ لڳا بلڪ مستحب عملن جا به عادي ٿي ويا ۽ انهن اولياءِ ڪرام جي هٿ مبارڪ تي بَيْعَت ڪرڻ ڪان پوءِ روحاني تربيت جا مرحلا طئي ڪرڻ لڳا.

انهن بزرگانِ دين عليهم رحمة الله المبين پوري شوق سان انهن عاشقانِ رسول جي تربيت فرمائي. پوءِ انهن مان ڪنهن کي پنهنجي خلافت ته ڪنهن کي وڪالت سان نوازيو ۽ مرتبي جي لحاظ سان ديني ذميداري جو مدني تاج پارائي هدايت ڪيائون ته وڃو ۽ راهِ خُدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر ڪريو ۽ پنهنجي اصلاح سان گڏوگڏ اجتماعي ۽ انفرادي ڪوشش جي ذريعي ٻين تائين نيڪيءَ جي دعوت پهچائيندي امت جي اصلاح جي مقدس ڪم ۾ مصروف ٿي وڃو.

www.dawateislami.net

# بزرگن جي يادگار شخصيت

هن پُرفتن دؤر (يعني پندرهين صدي هجري) ۾ ته جڏهن دنيا ۾ گناهن جي يلغار، T.V. ۽ V.C.R. جي ڀرمار، فيشن پرستي جي ڦِتڪار، گهڻن مسلمانن کي بي عمل بڻائي ڇڏيو هو، ۽ پڻ علمِ دين ڏانهن شوق نه هجڻ ۽ هر خاص ۽ عام جو لاڙو صرف دنياوي تعليم ڏانهن هجڻ جي ڪري ۽ ديني مسئلن کان ناواقفيّت جي ڪري هر طرف جهالت ڇانئجي وئي هئي، غير مسلم قوّتون، مسلمانن کي مِٽائڻ جي لاءِ ۽ اسلام جي پاڪيزه تعليم کي بِگاڙڻ جون ناپاڪ سازشون ڪري چُڪيون هيون، مسجدن جو تقدس پائمال ڪيو پيو وڃي، لادينيّت ۽ بدمذهبيت جي ٻوڏ موجون هڻي رهي هئي، هر ٻيو گهر سينيما گهر ٿيندو پيو وڃي، مسلمان موسيقي، شراب ۽ جوا جو عادي ٿي تيزيءَ سان بداخلاقي جي گهري کڏي ۾ ڪِرندو پيو وڃي، اسلام جي باغ کي دشمن ويران ڪرڻ تي هو ، هنن نازڪ حالتن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي هڪ "ولي ڪامل" کي امتِ محمديه جي اصلاح جي لاءِ منتخب فرمايو، جن کي دنيا "**اميرِ اهلسنت**" (دامت برڪاتهم العاليه) جي نالي سان سڏي ٿي.

قبله شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ **دعوتِ اسلامي** حضرت علامه مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار** قادري رضوي ضيائي دامت برڪاتهم العاليه نيڪيءَ جي دعوت عام

www.dawateislami.net

ڪرڻ جي ذميداري محسوس ڪندي هڪ هڪ اسلامي ڀاءُ تي انفرادي ڪوشش ڪري مسلمانن کي عملي طور سنّتن ڏانهن راغب ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو، پوءِ امت ۾ نيڪين جو پيغام عام ڪرڻ لاءِ پاڻ "**دعوتِ اسلامي**" جهڙي عظيم ۽ عالمگير تحريڪ جي مدني ڪم جي شروعات فرمائي ڇڏيائون.

پاڻ دامت برڪاتهم العاليه ڏکيا سفر ڪندا هئا، ڏينهن جو ڪڏهن ڪڏهن هڪ ڪان وڌيڪ ڀيرا بيان ڪندا هئا ۽ بسن، ٽرينن ۾ ايستائين جو پيادل سفر ڪري به مسجد مسجد، ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر پاڻ تشريف وٺي ويندا هئا، کاڌي جو **Tiffen** ساڻ هوندو هئن ايتري تائين جو لوڻ جي دٻي ۽ پاڻي به ساڻ رکندا هئا ته جيئن ڪنهن کان سوال نه ڪرڻو پوي، مريضن جي عيادت ڪندا هئا، مُردن (يعني مري ويلن) کي پنهنجي هٿن سان غسل ڏيندا هئا ۽ ڪفن پارائيندا هئا، جنازي جي نماز پڙهائيندا هئا، غمي ۽ خوشيءَ جي موقعن تي مسلمانن جي اهڙي خيرخواهي ڪندا هئا جو اهي به نيڪيءَ جي دعوت کي عام ڪرڻ جي لاءِ سنڌن سفر ۾ شريڪ ٿي ويندا هئا.

فرضن ۽ واجبن جي ادائيگي سان گڏوگڏ ٻين نفلي عبادتن ۽ خوفِ خُدا عَزَّوَجَلَّ، عشقِ رسول صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم، قرآن ۽ سنت جي پيروي جي جذبي، سنّت کي زنده ڪرڻ جي جذبي،عفوو درگذر، صبر ۽ شڪر، عاجزي ۽ انڪساري،

www.dawateislami.net

اخلاص ۽ تقويٰ، حُسنِ اخلاق، جود و سخاوت، عبادت ۽ رياضت، دنيا کان بي رغبتي، ايمان جي حفاظت جو فکر،فروغ علمِ دين و تبليغ دين خاص طور تي مسلڪِ اهلسنّت جي خدمت، الله عَزَّوَجَلَّ بارگاهه جي پيارن ٻانهن خاص طور تي اعليٰ حضرت، مجددِ دين و ملت، پروانهءِ شمع رسالت الشّاهه امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن سان انتهائي محبت ۽ عقيدت، ماڻهن سان همدردي ۽ خيرخواهي جو ذهن،سيني مُعاملن (مثال طور خريد و فروخت، نڪاح وغيره) ايتري تائين جو علاج وغيره جي باري ۾ به ماڻهن جي رهنمائي وغيره جهڙن صفتن به ڪين ڪروڙين مسلمانن جي دلين جي ڌڙڪن بڻائي ڇڏيو.

www.dawateislami.net

دولت مندن ۽ حڪمرانن کان بي نيازي ڪين وڏيڪ ناميارو ڪري ڇڏيو، مالدار ماڻهو مال ۽ دولت سندن خدمت ۾ پيش ڪندا هئا پر پاڻ منع فرمائيندا هئا، سندن ڪردار جي بلندين کان متاثر ٿي لکين مسلمان سندن هٿ تي بيعت ڪري حضور سَيّدُنا غوث الاعظم دستگير پيرانِ پير شيخ عبدالقادر جيلاني رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي دامنِ ڪرم سان وابسته ٿي چُڪا آهن.

## عظيم انقلاب

اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي احساسِ ذميداري تقويٰ ۽ پرهيزگاري جون برڪتون "**دعوتِ اسلامي**" سان وابسته ٿيڻ وارن اسلامي ڀائرن ۾ به منتقل ٿيڻ

شروع ٿيون، جن فرضن ۽ واجبن جي ادائيگي سان گڏوگڏ سنّتن ۽ مستحبات تي عمل ڪري نيڪيءَ جي دعوت جون اهڙيون ڌومون مچايون جو لکين مسلمانن خاص طور تي نوجوانن کي گناهن کان توبھ جي توفيق ملي ۽ اهي توبھ تائب ٿي صلوٰة و سنّت جي واٽ تي هلي پيا. جيڪي بي نمازي هئا اهي نمازي بلڪ مسجدن جا امام بڻجي ويا، بدنگاهي ڪرڻ وارا نگاهون هيٺ رکڻ جي سنّت تي عمل ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ لڳا. فيشني لباس پائي گهٽين ۾ رُئو پائي تفريح گاهن جي سونهن بڻجڻ واريون بي پردگي کان اهڙيون توبھ تائب ٿيون جو مدني بُرقعو انهن جي لباس جو حصو بڻجي ويو، ماءُ پيءُ سان بي ادبيءَ وارو انداز اختيار ڪرڻ وارا باادب ٿي ويا، جن جي حرڪتن جي ڪري ڪڏهن پورو پاڙو بيزار هو اهي سڄي علائقي وارن جي اکين جا تارا بڻجي ويا، چوري ۽ ڌاڙي جا عادي ٻين جي عزّت ۽ آبرو جي حفاظت ڪرڻ لڳا، جيڪي ڪنهن غريب کي ڏسي تَڪَبُّر ڪندا هئا اهي عاجزي جا پيڪر بڻجي ويا، هر وقت ساڙ جي باھ ۾ سڙڻ وارا ٻين کي ترقيءَ جون دعائون ڏيڻ لڳا، گانن باجن جا شوقين، سنّتن ڀريي بيانن ۽ مدني مذاڪرن جون ڪيسيٽون ٻُڌڻ جا عادي ٿي ويا،فحش ڳالهيون ڪرڻ وارا نعتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم پڙهڻ ۽ جهومڻ

www.dawateislami.net

لڳا. يورپي ملڪ جي رنگينين کي ڏسڻ جا خواب پنهنجي اکين ۾ سمائڻ وارا ڪعبي شريف ۽ گنبذِ خضريٰ جي زيارت جي لاءِ بي قرار رهڻ لڳا. مال جي محبت ۾ گرفتار رهڻ وارا فڪرِ آخرت جي مدني سوچ وارا بڻجي ويا. شراب پيئڻ وارا عشقِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم جا جام پيئڻ لڳا. فُضول ڳالهين ۾ وقت برباد ڪرڻ وارا پنهنجو وقت عبادت ۾ گذارڻ لڳا. فحش رسالن ۽ ڊائجسٽن جا شوقين اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه ۽ علماءِ اهلسنت دامت فيوضهم جي رسالن ۽ ٻين ديني ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ لڳا. تفريح جي خاطر سفر ڪرڻ جا عادي هاڻي عاشقانِ رسول سان راهِ خُدا عزوجل ۾ سفر ڪرڻ وارا بڻجي ويا. "**کائو پيئو مزا ماڻيو**" جي نعري کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد سمجهڻ وارن هن مدني مقصد کي اپنائي ورتو ته "**مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي.** ان شآءَالله عزوجل" **اميرِ اهلسنّت** دامت برڪاتهم العاليه جو اهو فيض رُڳو مسلمانن تائين محدود ناهي بلڪ ڪفر جي اونداهيءَ ۾ ڀٽڪڻ وارن ڪيترن ئي غير مسلمن کي به اسلام جو نُور نصيب ٿيو.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مسلمانن جي اصلاح ۽ ڪافرن جي اسلام قبول ڪرڻ واريون روح پروَر مدني بهارون وقت بوقت موصول ٿينديون رهنديون آهن. هن سلسلي

www.dawateislami.net

۾ 5 سچيون ايمان افروز حڪايتون ٻُڌو.

## ﴿1﴾ قادياني پروفيسر جي توبهہ

**اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جي بارگاهہ ۾ شايد 2003ع ۾ هڪ خط پهتو جنهن ۾ ڪنهن پروفيسر ڪجهہ هن طرح لکيو هو تہ مان قادياني مذهب سان تعلق رکان ٿو ۽ هڪ وڏي عهدي تي فائز آهيان، هينئر تائين 70 مسلمانن کي گمراهہ ڪري قادياني بڻائي چڪو آهيان. سردار آباد (فيصل آباد) ۾ ٿيڻ واري **دعوتِ اسلامي** جي اجتماع ۾ تنقيدي ذهن کڻي حاضر ٿيس پر توهان جو بيان ٻُڌي دل جي دنيا بدلجي وئي. پوءِ ڪنهن مبلغ توهان جي بيانن جون ڪيسيٽون تحفي ۾ ڏنيون. دل جون ڪيفيتون تہ هڪ بيان ٻُڌڻ سان ئي بدلجي چُڪيون هيون پر ٻيون ڪيسيٽون ٻُڌي بي قرار ٿي ويس ۽ سڄي رات روئيندو رهيس، ”هاڻي مون کي ڇا ڪرڻ کپي؟“

**اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه انفرادي ڪوشش ڪندي بنا دير جي جوابي خط روانو فرمايو تہ فورًا توبهہ ڪري **اسلام قبول ڪريو** ۽ جيترن مسلمانن کي (معاذالله عَزَّوَجَلَّ) مرتد ڪيو آهي انهن کي ٻيهر مسلمان بڻائڻ جي ڪا صورت ڪيو.“ الحمدلله عَزَّوَجَلَّ جڏهن اهو جوابي مڪتوب ان پروفيسر وٽ پهتو تہ سندن دعوت تي لبيڪ چوندي ان جلدي توبهہ ڪئي ۽ مسلمان ٿيو. ان پروفيسر اسلامي ڀاءُ جي پيءُ ۽ خاندان وارن ان تي

www.dawateislami.net

وڏيون سختيون ڪيون پر هو ثابت قدم رهيو. **الحمدللّٰه** عَزَّوَجَلَّ امیرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جا بيان ٻُڌڻ جي بَرَڪت سان آخرڪار ان جي سڄي خاندان کي قادياني مذهب کان نَجات ملي وئي ۽ اهي اسلام جي دامن سان وابسته ٿي ويا.

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي امیرِ اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي**

**صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد**

## ﴿2﴾ امیرِ اهلسنت جي اشارن جي زبان ۾ انفرادي ڪوشش

www.dawateislami.net

**دعوتِ اسلامي** جي شروع جي ڳالهه آهي ته شيخ طريقت، امیرِ اهلسنّت، بانيءِ **دعوتِ اسلامي** حضرتِ علامه مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار** قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه باب المدينه ڪراچي جي علائقي ڪارادر ۾ ڪجهه اسلامي ڀائرن سان **نيڪيءَ جي دعوت** ڏيڻ جي لاءِ هڪ گهٽيءَ ۾ تشريف وٺي ويا. اتي سندن نظر هوٽل جي اندر ويٺل گونگن ٻوڙن اسلامي ڀائرن تي پئي. اهي چانهه پيئڻ سان گڏوگڏ اشارن ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا، پاڻ دامت برڪاتهم العاليه هوٽل ۾ وڃي انهن کي اشارن جي زبان ۾ نماز جي دعوت پيش ڪئي ۽ پاڻ سان گڏ مسجد ۾ هلڻ جي ترغيب ڏياريائون. گونگن ٻوڙن

اسلامي ڀائرن اشارن جي ذريعي ٽَنائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي، پر پاڻ دامت برڪاتهم العاليه انفرادي ڪوشش جاري رکيائون ۽ انهن کي اشارن جي ذريعي نماز قضا ڪرڻ جي وَعيدن ۽ عذابن جي باري ۾ ٻُڌايائون. الحمدلله عَزَّوَجَلَّ سندن پُرخلوص دعوتِ جي بَرَڪت سان اهي گونگا ٻوڙا اسلامي ڀائر ساڻن گڏجي مسجد ڏانهن هلڻ لاءِ تيار ٿي ويا. اتي پاڻ دامت برڪاتهم العاليه سنّتن ڀريو بيان فرمايو ۽ آخر ۾ **دعوتِ اسلامي** جي ٽي روزه سنّتن ڀرئي اجتماع جي دعوت پيش ڪئي. بيان ڪانپوءِ جڏهن گونگن ٻوڙن اسلامي ڀائرن ساڻن ملاقات ڪئي ته پاڻ انهن تي وڏي شفقت فرمايائون ۽ انهن کي اجتماع ۾ شرڪت جي ترغيب ڏياريائون. الحمدلله عَزَّوَجَلَّ انهن اجتماع ۾ شرڪت جي نيّت جو نه رُڳو اظهار ڪيو بلڪ انهن مان ٻن اسلامي ڀائرن اجتماع ۾شرڪت به ڪئي ۽ اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جا مُريد ٿي "**عطاري**" به بڻجي ويا.

اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي اشارن جي زبان ۾ انفرادي ڪوشش جي بَرَڪت سان گونگن ٻوڙن اسلامي ڀائرن ۾ دعوتِ اسلامي جي مدني ڪم جي ابتدا ۽ هڪ مجلس "**مجلس خصوصي اسلامي ڀائر**" جو قيام عمل ۾ آيو ۽ الحمدلله عَزَّوَجَلَّ اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي انفرادي ڪوشش جون برڪتون ڏسندي ئي ڏسندي نه صرف پاڪستان بلڪ ٻاهرين ملڪن جي گونگن ٻوڙن ۽ نابينا

www.dawateislami.net

اسلامي ڀائرن تائين وڃي پهتو.

**الله عَزَّوَجَلَّ جي اميرِ اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿3﴾ مان ڪيئن مسلمان ٿيس

دهلي (هند) جي علائقي سليم پور جي رهندڙ 22 سالہ نئين مسلمان نوجوان جي اسلام قبول ڪرڻ جو ايمان افروز واقعو انهن جي زباني ٻُڌو. انهن جو چوڻ ڪجھ هن ريت آهي: مان هڪ غير مسلم خاندان سان تعلق رکندو هئس. منهنجي پيءُ جي خواهش هئي تہ مان ڊاڪٽر ٿيان. انهيءَ سلسلي ۾ ان مون کي 1994ع ۾ پنهنجي ڊاڪٽر دوست جي ڪلينڪ تي موڪليو. اهو غير مسلم ڊاڪٽر مسلمانن کان ايتري نفرت ڪندو هو جو انهن جي هٿان ڪابہ شيءِ کائڻ پسند نہ ڪندو هو. منهنجي بہ اها ئي عادت بڻجي وئي جو سڄو ڏينهن اجارو رهندو هوس پر ڪنهن مسلمانن جي هٿان پاڻي نہ پيئندو هئس. ڪيترائي سال ائين ئي گذري ويا. هڪ ڏينهن سبز عمامو پاتل هڪ اسلامي ڀاءُ اکين جو آپريشن ڪرائڻ آيو. ان جي زبان ۽ نگاھ جي حفاظت جو انداز ۽ حُسن اخلاق ڏسي هوريان هوريان مان بہ ان جي ويجهو ٿيڻ لڳس ۽ منهنجي ان سان دوستي ٿي وئي. هو مون

www.dawateislami.net

تي وقت بوقت انفرادي ڪوشش ڪندو رهيو. ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ هو اسپتال مان هليو ويو پر منهنجو ان سان رابطو رهيو ۽ مان ان وٽ ايندو ويندو رهيس.

ان وٽ هڪ وڏو ڪتاب هو جنهن جو نالو "**فيضانِ سنت**" هو، جڏهن هو ان جو درس ڏيندو هو ته **انفرادي ڪوشش** ڪندي **مون کي** به درس ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪندو هو، مان به ويهي رهندو هئس. **فيضانِ سنت** جي درس جي بَرَڪت سان ڪجهه ئي ڏينهن ۾ دل اسلام جي لاءِ نفرت بدران محبت پيدا ٿيڻ لڳي. پوءِ مسلمانن سان گڏ ڪائيندو پيئندو به هئس ۽ مسجدن ۽ اذان جو احترام به ڪندو هئس 2004ع ۾ هڪ ڏينهن شيخ طريقت،اميرِ اهلسنّت، بانيءِ **دعوتِ اسلامي** حضرت علامہ مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار** قادري رضوي ضيائي دامت برڪاتهم العاليه جو رسالو "**غسل جو طريقو**" پڙهيم پر صحيح طريقي سان سمجهي نہ سگهيس. ان اسلامي ڀاءُ ڪان پُڇيم ته ان مون کي رسالي جي مدد سان تفصيل سان طهارت جا مسئلا سمجهايا ۽ چيو ته **حقيقي پاڪائي مسلمان ٿيڻ کان سواءِ حاصل نہ ٿي ٿي سگهي**. اهو وقت منهنجي سعادتن جي عروج جو هو، ان جي لفظن منهنجي زندگيءَ جو رخ تبديل ڪري ڇڏيو، مون ڪجهه دير سوچيو ۽ پوءِ "**ڪلمو شريف**" پڙهي اسلام جي دائري ۾ داخل ٿي ويس. ڪفر جي اونداهي ختم ٿي وئي ۽

www.dawateislami.net

منهنجي دل اسلام جي نُور سان روشن ٿيڻ لڳي.

**مان** تبليغ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ پابنديءَ سان شرڪت ڪرڻ لڳس ۽ امير اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه سان خط جي ذريعي سلسلهٔ عاليه قادريه رضويه ۾ داخل ٿي "**عطاري**" بڻجي ويس ۽ باجماعت نماز پڙهڻ لڳس، پر ڪڏهن ڪڏهن شيطان اسلام جي باري ۾ وسوسا وجهندو هو. هڪ ڏينهن امير اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جو رسالو"**بدها ڀڄاري**" پڙهيم ته انهن سيني وسوسن جي پاڙ پٽجي وئي. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ 18 جولاءِ 2005ع تي عاشقانِ رسول سان گڏ **مدني قافلي** ۾ سفر جي سعادت ملي. ان کان اڳ ۾ ٿوري ٿوري ڳالهه تي گهروارن ڪان ناراض ٿيندو هئس. ڪاڏو طبيعت جي خلاف ملندو هو ته گهڻو شور ڪندو هئس. مدني قافلي ۾ سفر جي بَرَڪت سان اها عادت به نڪري وئي. گهروارا منهنجي انهيءَ تبديليءَ تي حيران هئا ۽ اسلام کان متاثر ٿي رهيا هئا. مان **ڏاڙهي شريف** جي سنت اپنائڻ سان گڏوگڏ مٿي تي **سبز عمامو** به ٻُڌڻ لڳس پر گهر وڃڻ وقت لاهي ڇڏيندو هئس.

**ڪجهه** ڏينهن کان پوءِ ماڻهن گهروارن کي منهنجي خلاف شڪايتون ڪرڻ شروع ڪيون جنهن تي گهر ۾ سختي ٿيڻ لڳي، مون کي ڳالهه ڳالهه تي ٽوڪيو ويندو

www.dawateislami.net

هو بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ماريندا به هئا. مان تنگ ٿي گهر ڇڏي ويس پر ڪجهه ئي ڏينهن کان پوءِ پاءُ بهاني سان گهرايو ۽ زبردستي حجم وٽ وٺي ويو. جڏهن مون ان کي ٻُڌايو ته مان مسلمان ٿي چُڪو آهيان ته هو ڊڄي ويو ۽ ڏاڙهي ڪوڙڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائين. منهنجا گهروارا به ڏاڙهي ڪٽڻ کان ڊڄي رهيا هئا پر افسوس جو ديني علم کان ناواقفيت جي ڪري هڪ مسلمان منهنجي گهروارن کي چيو: "ڏاڙهي رکڻ ضروري ناهي، اسان کي ڏسو! لڪين مسلمان ڪٿي ٿا ڏاڙهي رکن؟" انهيءَ بنياد تي گهروارن ننڍ ۾ بليڊ سان منهنجي ڏاڙهي ڪوڙڻ شروع ڪئي، منهنجو چهرو رتورت ٿي ويو، مان روئي روئي انهن کي اهو ڪم نه ڪرڻ جون منٿون ڪندو رهيس پر انهن منهنجي هڪ به نه ٻُڌي ۽ منهنجي ڏاڙهي ڪوڙي وئي. ڇهري مان وهڻ وارو رت منهنجي ڳوڙهن ۾ شامل ٿي ويو. گهروارن کي اهو احساس به نه هو ته مان به هن گهر ۾ پيدا ٿيو آهيان ۽ پَلي وڏو ٿيو آهيان. انهن انهيءَ تي بس نه ڪئي بلڪ مون کي هڪ ڪمري ۾ قيد ڪري ڇڏيائون. جسم جي ڪپڙن کان علاوه مون وٽ ڪو لباس نه هو. منهنجي نگراني ڪئي ويندي هئي پر مان ڪنهن نه ڪنهن نموني لِڪي نماز ادا ڪندو هئس. ننڊ جي قرباني ڏئي به پنهنجو وُضو برقرار رکندو هئس ته جيئن موقعو ملڻ تي فرض ۽

www.dawateislami.net

واجب ادا ڪري سگهان. منهنجو ڪوبہ حال پُڇڻ وارو ڪونہ هو نہ مون کي ڪو همدرد ڏسڻ ۾ ايندو هو جنهن کي مان پنهنجا ڏک ٻُڌايان. اٽڪل ٻہ مهينا اهڙي طرح گذري ويا ايتري تائين جو رمضان شريف جو مقدس مهينو اچي ويو. آزمائشن جي انهن راتين ۾ ڪير مون کي سَحَري فراهم ڪري ها پر رمضان جو روزو ڇڏڻ مون کي پسند نہ هو. جيئن تہ مون بغير سَحَريءَ جي روزو رکي ورتو. شام تائين جڏهن مون ماني نہ کاڌي تہ گهروارن کي ڳڻتي ٿي، ۽ گڏ ٿي اچي مون کي کاڌي کائڻ لاءِ زور ڀرڻ لڳا. مون چيو: ”رکي ڇڏيو مان کائيندس.“ انهن جي وچڻ ڪان پوءِ وڌيڪ زور ڀرڻ ڪان بچڻ جي لاءِ پاڃي هيڏي هوڏي ڪري ڇڏيم ۽ مانيون ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيم پر گهر وارن کي ڪنهن ريت شڪ پئجي ويو ۽ انهن زبردستي مونکي کاڌو کارايو. مان دل ئي دل ۾ ڳرندو رهيس پر مجبور هئس. ائين مان پنج روزا نہ رکي سگهيس.

پوءِ مون هيڏانهن هوڏانهن جون ڪجھ ڳالهيون گهروارن کي ٻُڌايون تہ انهن مون کي آزادي ڏئي ڇڏي ۽ مان ٻيهر ڪلينڪ وڃڻ لڳس. مان بغير سَحَري جي روزي جي نيّت ڪندو هئس ۽ ظاهر ۾ ٻنپهرن جو کاڌو ساڻ کڻي ويندو هئس پر شام جو ان سان افطاري ڪندو هئس. انهيءَ وقت مون اسلام قبول ڪرڻ جي باري ۾

www.dawateislami.net

قانوني ڪاغذ بہ مڪمل ڪرائي ورتا جنهن جي گهروارن کي خبر نہ پئي. مان گهروارن کان لڪي جنهن مسجد ۾ نماز ادا ڪرڻ ويندو هئس اتان جي انتظاميہ مجبور ٿي مون کي منع ڪيو تہ توهان هتي نہ ايندا ڪريو، متان فساد نہ ٿئي. مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو تہ مون کي مسلمان هوندي بہ حالتن جي ستم ظريفي جي ڪري مسجد ۾ داخل ٿيڻ کان روڪيو ويو پر بيوس ۽ لاچار هئس ڇا ڪيان ها؟ **دعوتِ اسلامي** جو مدني مرڪز اتان کان گهڻو پري هو ۽ مون انهن کي پاڻ سان رابطو ڪرڻ کان بہ منع ڪيو هو.

لڳاتار پريشانين منهنجا عضوا ساٽا ڪري ڇڏيا هئا.

www.dawateislami.net

مون کي ڪو اهڙو همدرد ملي جنهن سان ملي مان پنهنجا ڏک بيان ڪري اکين مان نير وهايا ها پر افسوس! مان بلڪل اڪيلو هئس. اهڙي وقت مون کي نماز پڙهڻ ۾ وڏو سُڪون ۽ حوصلو ملندو هو. منهنجي زبان تي درود شريف جاري هو. پوءِ مون همٿ ڪري 3 ڪلوميٽر پري "**جَنتا ڪالوني**" جي مسجد ۾ باجماعت نماز ادا ڪرڻ لاءِ وڃڻ شروع ڪيو. گهر وارن جو ان دؤران لهجو نرم ٿي چُڪو هو. هڪ ڏينهن پاڙي جي ڪنهن مسلمان وري گهروارن جو ذهن خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ "اسان بہ مسلمان آهيون اسان ڪٿي نماز پڙهون؟ بس جمعي يا عيد جي نماز ڪافي

آهي! توهان جو پٽ ضرور ڪنهن جنّ جي قابو ۾ ڪرڻ جو عمل ڪري رهيو آهي، جڏهن اهو پاڳل ٿي ويندو تڏهن توهان کي خبر پوندي.“ ان جون ڳالهيون ٻُڌي گهروارا ڊڄي ويا ۽ وري سختيون ڪرڻ شروع ڪيائون ايتري تائين جو منهنجي چپن چورڻ تي بہ پابندي لڳائي وئي. گهروارا مون کي زبردستي ڪنهن عامل وٽ وٺي ويا. ان بہ چئي ڇڏيو تہ مون تي اثر آهن.

انهن حالتن کان مان مايوس ٿيان ها ۽ شايد ٻيهر ڪفر جي اونداهين ۾ پوان ها پر الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪرم جو مون **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ عاشقانِ رسول کان سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ حضرتِ سيّدُنا بِلال حبشي رضی اللہ تعالٰی عنہ تي ٿيڻ وارن ظلمن جو داستان ٻُڌو هو، انهن ظلمن جي سامهون منهنجون تڪليفون ڪجهہ بہ نہ هيون، پنهنجي پياري آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي آزمائشن کي ياد ڪري منهنجو ايمان اڃان بہ مضبوط ٿيندو پيو وڃي.

هڪ ڏينهن مان لِڪي وڃي **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ پهتس. اطلاع ملندي ئي گهروارا پهتا ۽ اتان مون کي وٺي ويا. نہ مون کا رنڌڪ وڌي ۽ نہ ئي ڪنهن کي ان جو احوال ڏنو چوتہ فساد ٿَئي ها. گهر وٺي وڃي مون کي ايڏو ماريو ويو جو مان بيهوش ٿي ويس. هوش ۾ اچڻ تي مون گهر ڇڏڻ جو پَڪو ارادو ڪيو حالانڪ 3 ڏينهن اڳ ئي منهنجي سرڪاري

www.dawateislami.net

نوڪريءَ جو آرڊر مون کي موصول ٿيو هو جنهن جي لاءِ مون ڪيترائي سال محنت ۽ ڪوششون ڪيون هيون. هاڻي هڪ طرف ذاتي گهر، ماءُ پيءُ ۽ روشن مستقبل ۽ ٻئي طرف ايمان جهڙي عظيم دولت! پر مون ربّ عَزَّوَجَلَّ جي ڪرم سان ايمان جي تحفظ جي خاطر 21 مارچ 2007 تي پنهنجي مرضيءَ سان گهر ڇڏيو.

**الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ اڄ مان هند جي مختلف شهرن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ **مدني قافلن** ۾ سفر ڪري رهيو آهيان ۽ گهر وارن جي سختيءَ جي ڪري رهجي ويل سيئي نمازون به پڙهي ورتيون آهن. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي ۾ سفر جي بَرَڪت سان ڪجهه سورتون صحيح مخارج سان سکڻ ۽ نماز جا مسئلا ياد ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي چُڪو آهيان. 13 اپريل 2007ع تي منهنجي مُراد پوري ٿي ۽ مون کي"**جهانسي**" شهر ۾ فجر جي جماعت ۾ امامت جي سعادت حاصل ٿي وئي. اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي ٻڌايل **دعوتِ اسلامي** تي منهنجي جان قربان! جو هن ڪفر جي هنج ۾ پلڻ واري کي نه صرف ايمان جي دولت سان نوازيو بلڪ امامت جي مصلي تي ويهاريو. منهنجا پيءُ ۽ ماءُ مون سان ملاقات جي لاءِ ايندا هئا ۽ خوني رشتي جي ڪري ڳوڙها وهائي واپس گهر هلڻ لاءِ زور ڀريندا هئا. انهن کي روئيندو ڏسي منهنجيون به اکيون آليون ٿي وينديون هيون پر مون

www.dawateislami.net

انهن کي صاف ٻُڌائي ڇڏيو تہ مان اسلام جي مذهب کي ڪڏهن بہ نہ ٿو ڇڏي سگهان. هاڻي تہ مان گهروارن جي اچڻ تي جاڳي واڳي نہ ٿو مِلان جو خدا نہ ڪري متان محبت جي آڙ ۾ شيطان منهنجو ايمان خطري ۾ نہ وجهي. اهو سڀ منهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جو ڪرم، سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي عنايت ۽ منهنجي مرشد **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جي ولايت واري نظر جو فيض آهي.

## نمازين جو تعداد وڌي ويو

انهيءَ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ سفر جي دؤران "**قنوج**" شهر جي "**ڪاغزياني**" پاڙي ۾ جڏهن علائقائي دؤرو براءِ نيڪي جي دعوت جي لاءِ پهتس تہ اتان جي "**پراڻي مسجد**" جي سامهون وارو ميدان ماڻهن سان ڀريل هيو، ڪو تاس پيو کيڏي تہ ڪو جُوا ۾ مصروف هو. مان عصر جي نماز کان پوءِ جڏهن انهن ماڻهن وٽ وڃي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ لاءِ حاضر ٿيس تہ هڪ شخص انتهائي ڪاوڙ جي حالت ۾ اٿيو مون کي ڪچيون گاريون ڏيندي مون کي ڌڪا ڏيڻ لڳو تہ ڪنهن ٻئي کي وڃي سمجهايو اسان کي سمجهائڻ جي ضرورت ناهي. ايتري ۾ هڪ پوڙهي شخص ان کي چيو: "هن جي ڳالهہ تہ ٻڌو هو ڇا ٿو چوڻ چاهي؟" مون بہ ان گاريون ڏيڻ واري شخص کي عرض ڪيو: "ڀاءُ! گاريون ڏيڻ ۽ مارڻ سان جيڪڏهن توهان کي سُڪون ٿو

www.dawateislami.net

ملي تہ مون کي منظور آهي پر منهنجي ڳالهہ ضرور ٻُڌو.”ان تي اهو خاموش ٿي ويو ۽ مون انهن کي نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪئي ۽ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ سکيل نماز پڙهڻ جا فضائل ۽ نہ پڙهڻ جي متعلق وَعيدون ٻُڌايون، جڏهن محسوس ٿيو تہ لوهہ گرم ٿي چُڪو آهي تہ مون چيو،“جيڪي ڳالهيون مان اوهان کي ٻُڌائي رهيو آهيان اهي تہ اوهان کي مون کي ٻُڌائڻ گهرجن ڇوتہ مان هينئر ڪجهہ عرصو اڳ ۾ اسلام قبول ڪري چُڪو آهيان پوءِ مون مختصر طور تي پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ ۽ ان دؤران اچڻ وارين آزمائشن جا واقعا ٻُڌائڻ شروع ڪيا تہ اتي موجود ماڻهو روئڻ لڳا ايستائين جو مون کي گاريون ڏيڻ وارو شخص روئيندي چوڻ لڳو، بس ڪريو نہ تہ اسان جو ساهہ نڪري ويندو. پوءِ اهي سڀ اسان سان گڏ مسجد ۾ هلڻ لاءِ تيار ٿيا. عصر جي نماز ۾ اسان ٻہ نمازي هئاسين پر حيرت انگيز طور تي مغرب جي نماز ۾ **3** صفون ڀرجي ويون. هڪ وڏي عمر وارا بزرگ فرمائڻ لڳا:“مان انهن ماڻهن کي ڏسندي پوڙهو ٿي ويو آهيان پر اڄ پهريون ڀيرو انهن کي مسجد ۾ ڏسي رهيو آهيان.”

**اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي اميرِ اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!   صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## ﴿4﴾ نسبت جون برڪتون

بابُ المدينہ ڪراچي جا علائقي گلبهار جي هڪ ماڊرن نوجوان محمد احسان **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيا ۽ اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليہ جا مُريد بڻجي ويا. هڪ ولي ڪامل جا رڳو مُريد نہ ٿيا بلڪ انهن جي زندگيءَ ۾ مدني انقلاب اچي ويو. چهري تي ڏاڙهي جي سنّت سينگاري ڇڏي ۽ مٿي تي مستقل طور تي عمامي شريف جو تاج سينگارجي ويو. انهن **دعوتِ اسلامي** جي مدرسة المدينہ (بالغان) ۾ قرآن شريف ناظره ختم ڪري ورتو ۽ ماڻهن وٽ وڃي **نيڪيءَ جي دعوت** جون ڌومون مچائڻ لڳا هڪ ڏينهن اچانڪ انهن کي ڳلي ۾ سُور محسوس ٿيو، علاج ڪرايائون پر "**مرض وڌندو ويو جيئن جيئن دوا ڪئي**" جي چوڻيءَ موجب ڳلي جي مرض گهڻي شدت اختيار ڪئي ايتري تائين جو ڪجھ گهڙين جا مهمان ٿي ويا.

انهيءَ حالت ۾ انهن اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليہ جي ڇپيل رسالي مدني وصيّت نامي کي سامهون رکي پنهنجو وصيّت نامو تيار ڪري پنهنجي علائقي جي نگران جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ هميشہ جي لاءِ اکيون بند ڪري ڇڏيائون. وفات وقت سندن عمر اٽڪل 35 سال هئي. انهن کي گلبهار جي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. وصيّت موجب غسل کان پوءِ ڪفن ۾ چهرو لِڪائڻ کان

www.dawateislami.net

اڳ ۾ پيشاني تي شهادت جي آڱر سان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم سيني تي لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰهِ ڏُن ۽ سيني جي وچين ڪفن واري حصي تي يا غوث اعظم دستگير رضی اللہ تعالیٰ عنه يا امام اعظم ابا حنيفه رضی اللہ تعالیٰ عنہ يا امام احمد رضا رضی اللہ تعالیٰ عنہ يا شيخ ضياء الدين رضی اللہ تعالیٰ عنه ۽ انهن جي مرشد (يعني اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه) جو نالو لکيو ويو. دفن ڪرڻ وقت قبر جي ديوار ۾ جارو ناهي ان ۾ عهد نامو، نقش نعلين پاڪ ۽ ٻيا تبرڪات رکيا ويا. دفن ڪان پوءِ قبر تي اذان به ڏني وئي ۽ اٽڪل ٻارهن ڪلاڪن تائين انهن جي قبر جي پرسان اسلامي ڀائرن اجتماع ذڪرونعت جاري رکيو.

www.dawateislami.net

## خوشبودار قبر

**وفات** ڪان اٽڪل ساڍن ٽن سالن ڪان پوءِ اڱاري جي ڏينهن 6 جمادي الآخره سن 1418 هه (07-10-1997) جو واقعو آهي هڪ ٻئي اسلامي ڀاءُ **محمد عثمان قادري** رضوي عليه رحمة الله الباري جو جنازو انهيءَ قبرستان ۾ آندو ويو. ڪجهه اسلامي ڀائر مرحوم **محمد احسان عطاري** عليه رحمة الله الباري جي قبر تي فاتحه جي لاءِ آيا ته اهو منظر ڏسي انهن جون اکيون دنگ رهجي ويون جو قبر جي هڪ پاسي وڏو سوراخ ٿي پيو آهي ۽ اٽڪل ساڍا ٽي سال اڳ وفات ڪرڻ وارا مرحوم **محمد احسان عطاري** عليه رحمة الله الباري مٿي تي سبز سبز عمامي جو

تاج سجيل خوشبودار ڪفن ويڙهيل مزي سان ليٽيل آهن. ڏسندي ئي ڏسندي اها خبر هر طرف ڦهلجي وئي ۽ رات تائين ماڻهو **محمد احسان عطاري** عليه رحمة الله الباري جي ڪفن ۾ ويڙهيل تازي لاش جي زيارت ڪندا رهيا (اهو واقعو بہ ڪيترن ئي اخبارن ۾ شايع ٿيو)

تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي باري ۾ غلط فهمين جو شڪار رهڻ وارا ڪجهہ ماڻهو بہ **دعوتِ اسلامي** وارن تي الله عَزَّوَجَلَّ جي **ان عظيم فضل ۽ ڪرم جو ظاهري اکين سان مشاهدو ڪري واهہ واهہ چوڻ لڳا ۽ دعوتِ اسلامي سان محبت ڪرڻ وارا بڻجي ويا.** (ملخص از قبر کلي وئي ڇاپو مڪتبة المدينه)

www.dawateislami.net

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!     صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿5﴾ غسل واري تختي تي مسڪرايائون

**مرحوم عبدالغفار عطاري** عليه رحمة الباري حسين نوجوان هئا. آواز بہ سنو هئُن، شروع ۾ ڪين ماڏرن دوستن جو ماحول مليو هو. (جيئن اڄڪلهہ عام ماحول آهي ۽ معاذالله عَزَّوَجَلَّ ان کي عيب بہ نہ ٿو سمجهيو وڃي) گانا ڳائيندا هئا، موسيقي جو فن سکيائون،جو ڪين آمريڪا جي ڪلب ۾ نوڪري ڪرڻ جي لاءِ وڏي پيچ ڊُڪ ڪيائون پر

مقدر ۾ "**دردِ مدينہ**" هيو. سندن قسمت چڱي هئي، جو ڪين آمريڪا ۾ نوڪري ئي نہ ملي سگهي نہ تہ اڄ شايد هزارين ماڻهن جي دلين ۾ انهن جي محبت ۽ عقيدت جي شمع روشن نہ هجي ها. خوش قسمتيءَ سان انتقال کان تقريبًا ست سال اڳ ۾ اسلامي ڀائرن جو **مدني ماحول** ڪين هٿ اچي ويو. شيخ طريقت **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جو مُريد ٿي سلسلۂ عاليہ قادريہ رضويہ عطاريہ ۾ داخل ٿي ويا، "**عطاري**" **تہ ٿيا الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ **انهن جي جيئڻ جو انداز ئي بدلجي ويو**. فلمي گانن جي جاءِ تي **سرڪارِ مدينہ** صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جون پياريون پياريون نعتون اچي ويون ڪڏهن اسٽيج تي اچي مزاحيہ لطيفا ٻُڌائي ماڻهن کي کِلائيندا هئا، پر هاڻي سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جي هجر ۽ فراق (يعني جُدائيءَ) جا پُرسوز شعر ٻُڌائي عاشقن کي روئارڻ ۽ ديوانن کي تڙپائڻ لڳا. "**دعوتِ اسلامي**" جي پاڪيزه **مدني ماحول** ۽ **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جهڙي وليءِ ڪامل جي بااثر صحبت هڪ ماڊرن نوجوان کي پياري رسولِ اڪرم صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جو سچو ديوانو ۽ مٿي کان پيرن تائين سنّتن جو نمونو بڻائي ڇڏيو. چهري تي ڏاڙهي مبارڪ، مٿي تي زلف ۽ هر وقت سنّت جي مطابق لباس ۽ مٿو عمامي شريف سان سينگاريل رهڻ لڳو. نہ صرف پاڻ سنّتن تي عمل ڪندا هئا بلڪ پنهنجي بيان جي

www.dawateislami.net

ذريعي ٻين کي بہ سنّتن تي عمل جي ترغيب ڏياريندا رهيا. شيخ طريقت **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه فرمائن ٿا: اهي هڪ سٺا مبلغ، نعت چوڻ وارا شاعر هئا ۽ منهنجو حُسن ظن آهي تہ اهي **عاشقِ رسول** ۽ بااخلاق ۽ باڪردار مسلمان هئا.”

ڪجهہ ڏينهن بستري تي بيمار رهي **ربيع الغوث شريف** جي چنڊ رات سن **1406**ھ چنچر جي رات **14** ڊسمبر **1985**ع تي صرف **22** سال هن بي وفا دنيا ۾ گذاري ڀرپور جوانيءَ جي عالم ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. ( اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيۡهِ رٰجِعُوۡنَ ) **تبليغ** قرآن و سنّت جي **مدني ماحول** جي بَرَڪت سان لڳي ٿو تہ اهي زندگي جي بازي کٽي ويا، انهن کي سنّتون ڪم اچي ويون، جن جون سنّتون زنده ڪرڻ جي ڌُن هئي انهن **شفيق آقا** صلى الله تعالى عليه واله وسلم جو مٺن ڪرم ٿي ويو.

جيئن تہ **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه ارشاد فرمائن ٿا: “آءُ مرحوم جي ڪفن دفن ۾ شروع کان آخر تائين شريڪ رهيس. ڪجهہ **دعوتِ اسلامي** جا مبلغ گڏجي احتياط سان مرحوم کي غسل ڏئي رهيا هئا ۽ مان انهن کي غسل جون سنّتون ٻُڌائي رهيو هئس. جڏهن غسل جي دؤران مرحوم کي ويهاريو ويو تہ **سندن چهري تي اهڙي طرح مسڪراهٽ ڦهلجي وئي، جهڙيءَ طرح اهي پنهنجي زندگيءَ ۾ مسڪرائيندا هئا.** مان ان

www.dawateislami.net

وقت مرحوم جي پُنيءَ واري پاسي کان بيٺو هئس، جيترا به اسلامي ڀائر ڇهري واري پاسي کان هئا انهن سڀني اهو منظر ڏٺو. ڪفن پاران کان پوءِ چهرو کليل ڇڏيو ويو، ۽ آخري ديدار جي لاءِ ماڻهو اچڻ شروع ٿيا ۽ اسان گڏجي نعت شريف پڙهي رهيا هئاسين. ڪجهه ڏسڻ وارن ڏٺو ته مرحوم جا چَپَ به چُري رهيا هئا. ڄڻ اهي به نعت شريف پڙهي رهيا هئا."

وصيّت موجب **اميرِ اهلسنت** دامت برکاتهم العاليه جنازي جي نماز پڙهائي، جنازي جو جلوس تمام وڏو هو ۽ منظر به ڏسڻ وٽان هو. ذڪر ۽ دُرُود و سلام ۽ نعتن سان فضا گونجي رهي هئي.

www.dawateislami.net

عاشق کا جنازہ ہے ذرا دھوم سے نکلے
محبوب کی گلیوں سے ذرا گھوم کے نکلے

**آخرڪار** آلين اکين سان مرحوم کي دفن ڪيو ويو. تدفين کان پوءِ عزيز ۽ قريب موڪلائي ويا. پر هاڻي به روحاني رشتيدار يعني اسلامي ڀائر وڏي تعداد ۾ ڪافي دير تائين قبر تي موجود رهيا ۽ نعت خواني ٿيندي رهي.

## مرحوم کي سرڪار دامن ۾ لڪائي ورتو

**مرحوم** جي ٽيجهي جي سلسلي ۾ **شهيد مسجد** کارادر بابُ المدينه (ڪراچي) ۾ عشاء جي نماز کان پوءِ اسلامي ڀائرن قرآن خواني ۽ اجتماع ذڪر و نعت جو

انعقاد ڪيو. ماڻهو گهڻا هئا تنهنڪري مسجد جي ٻاهر ئي اجتماع جو انتظام ڪيو ويو. **مولانا حسن رضا خان** عليه رحمة الرحمٰن جي لکيل نعت شريف جي هن شعر ڪي هر هر ورجايو پيو وڃي.

بخشوانا مجھ سے عاصی کا رَوا ہوگا کِسے؟
کس کے دامن میں چھُپوں دامن تمہارا چھوڑ کر

**حاضرين** تي هڪ ذوق جي ڪيفيّت طاري هئي. **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه فرمائن ٿا:"هڪ خوش نصيب اسلامي ڀاءُ مون کي ٻُڌايو ته ان دؤران مون تي رِقت طاري ٿي اکيون بند ٿي ويون پر دل جون اکيون کُلي پيون. ڇا ٿو ڏسان ته **سرڪارِ مدينه** صلى الله تعالیٰ عليه واٰله وسلم پنهنجي چادر مبارڪ ڦهلائيندي اجتماع ذڪرونعت ۾ جلوه افروز آهن ۽ خوش نصيبن کي گهرائي چادر ۾ لِڪائي رهيا آهن. ايتري ۾ مرحوم **عبدالغفار عطاري** عليه رحمة الباري به سنّت جي مطابق سفيد مدني لباس ۾ عمامي سان ظاهر ٿيا ته **سرڪارِ مدينه** صلى الله تعالیٰ عليه واٰله وسلم مرحوم کي به دامنِ رحمت ۾ لِڪائي ورتو."

ڈھونڈا ہی کریں صَدرِ قیامت کے سپاہی
وہ کس کو ملے جو ترے دامن میں چھُپا ہو

دیکھا انہیں محشر میں تو رحمت نے پکارا
آزاد ہے جو آپ کے دامن سے بندھا ہو

www.dawateislami.net

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اهڙي طرح لکين مسلمان اڄ گناهن کان توبهه ڪري نه صرف نمازي بلڪ ڪيترائي نماز پڙهائڻ ۽ سيڪارڻ وارا بڻجي ويا، ۽ اهي برڪتون صرف پاڪستان تائين محدود ناهن بلڪ ٻين ملڪن کان به مسلمانن جي اصلاح جي بهارن سان گڏوگڏ غير مسلمن جي اسلام قبول ڪرڻ جون به روح پروَر مدني بهارون موصول ٿينديون رهنديون آهن. انهن بهارن جو مطالعو ڪرڻ جي لاءِ "**دعوتِ اسلامي جون مدني بهارون**" نالي ڪتاب ۽ مدني بهارن تي مشتمل ٻيا رسالا مڪتبة المدينه کان هديو ڏئي حاصل ڪريو.

www.dawateislami.net

## عظيم ديني خدمتون

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه جي منفرد ۽ تاريخي ڪم جو واضح ثبوت اهو آهي ته سرڪارِ مدينه صلی الله تعالیٰ علیه واٰله وسلم جي امت کي جن جن شعبن جي حاجت هئي، پاڻ انهن شعبن کي قائم ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويا ۽ اڄ **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ انهن مان ڪيترن ئي شعبن ۾ ڪم شروع ٿي چُڪو آهي مثال طور مسجدن جي تعمير جي لاءِ "خدام المساجد" حفظ ناظره جي لاءِ "مدرسة المدينه"

بالغان جي تعليمِ قرآن لاءِ "مدرسة المدينہ براءِ بالغان"، فتاويٰ جي لاءِ "دار الافتاء" عالمن جي تياريءَ جي لاءِ "جامعة الامدينہ" افتاء (يعني مفتي ٺهڻ) جي تربيت جي لاءِ "تخصص في الفقہ" ۽ امت کي پيش ايندڙ جديد مسئلن جي حل لاءِ "مجلسِ تحقيقاتِ شرعيہ" اعليٰ حضرت عليه رحمة الرحمٰن جي پيغام کي عام ڪرڻ ۽ اصلاحي ڪتابن جي فراهمي جي لاءِ "مجلس المدينة العلميه" تصنيف ۽ تاليف کي شرعي غلطين کان محفوظ رکڻ لاءِ جي لاءِ "**مجلس تفتيشِ ڪتب و رسائل**" روحاني علاج جي لاءِ "**مجلس مڪتوبات و تعويذاتِ عطاريہ**" اسلامي ڀائرن کي باحيا بنائڻ جي لاءِ انهن جا "**هفتيوار اجتماع ۽ ٻيا مدني ڪم**"، مسلمانن کي باعمل بنائڻ جي لاءِ "**مدني انعامات جو تحفو**" ۽ دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ "**مدني قافلن ۽ هفتيوار اجتماعن**" جو مدني جار وڇائجي چُڪو آهي، "**گونگن ٻوڙن، نابينا اسلامي ڀائرن ۽ جيلن ۾ قيدين جي اصلاح**" جي لاءِ مجلسون قائم ڪري ڇڏيائون، "**مختلف سطح جي مُشاورتن جو قيام**" ۽ ان طرح سنّتن جي خدمت جي 35 کان وڌيڪ شعبن کي قائم فرمائڻ کان پوءِ سڄو نظام "**مرڪزي مجلسِ شوريٰ**" جي حوالي ڪري انهن جي ڪارڪردگي تي نظر رکندا آهن ۽ ضرورت پوڻ تي اصلاح جي مدني گلن سان به

www.dawateislami.net

نوازيندا رهندا آهن.

ان کان علاوه پنهنجي **بيانن** ۽ **مدني مذاڪرن** جون ڪيسيٽون ۽ **تحريري رسالا** ۽ **ڪتاب** عطا ڪري به دنيا جي مسلمانن کي سنتن جي جو پيڪر بڻائڻ جي ڀرپور ڪوشش فرمائن ٿا ۽ صرف اهو ناهي بلڪ ان سان گڏوگڏ **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جو پنهنجي انفرادي عبادتن کي قائم رکڻ جنهن ۾ عشقِ رسول صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم ۽ حرمين طيبين جي محبت، نفلن، مثال طور اشراق و چاشت ۽ اوابين جي ادائگي سان گڏوگڏ سال جو گهڻو حصو روزا رکڻ ۾ استقامت، تلاوتِ قرآن، سنّتن ۽ مُستحبات تي عمل **ميرت** ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي.

www.dawateislami.net

*ہیں شریعت اور طریقت کی حسیں تصویر جو*

*زُہد و تقویٰ کے نظارے حضرتِ عطار ہیں*

**اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جي عظيم ديني خدمتن جي هاڪ نه صرف برصغير پاڪ و هند ۾ آهي **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ بلڪ ان جي هاڪ تبليغ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ "**دعوتِ اسلامي**" جي صورت ۾ (هي سٽون لکڻ تائين) دنيا جي اٽڪل 66 ملڪن ۾ بُڌڻ ۾ اچي رهي آهي. اهي عظيم الشّان خدمتون بنا شڪ ۽ شبهي جي هن تحريڪ جي باني ۽ امير حضرت علامه مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار** قادري رضوي ضيائي دامت

برڪاتهم العاليه جي لاءِ ثوابِ جاريه جو ذريعو آهن. جيئن ته شرف ملّت، استاذ العلماء حضرت علامه مولانا **محمد عبدالحڪيم شرف قادري** عليه رحمة الله الغني فرمائن ٿا: **حديث شريف** ۾ آهي: **مَنْ اَحْيَا سُنَّتِیْ بَعْدَ مَا اُمِیْتَتْ فَلَهٗ اَجْرُ مِائَةِ شَهِیْدٍ** **جنهن اسان جي اهڙي سنت کي رائج ڪيو جنهن کي ڇڏيو هجي ان جي لاءِ سؤ شهيدن جو ثواب آهي.** هن حديثِ مبارڪ جي روشنيءَ ۾ **اميرِ دعوت اسلامي** حضرت مولانا **محمد الياس عطار قادري رضوي** دامت برڪاتهم العاليه ۽ **دعوت اسلامي** جي مبلغين ڪي ڪيترن شهيدن جو ثواب ملندو، جن جي بهترين ڪوشش سان لکين ماڻهو نه رُڳو نمازي بڻجي ويا آهن بلڪ سرڪارِ مدينه صلى الله تعالى عليه واله وسلم جي سنّتن تي عمل پيرا ٿي ويا آهن. هن ڪاميابيءَ ۾ جتي حضرت **اميرِ دعوت اسلامي** مدظله العالي جي ڏينهن رات جي ڪوشش ۽ سندن بيانات جو آهي، اتي **فيضانِ سنت** جو به وڏو عمل دخل آهي. **فيضانِ سنت** فقير جي اندازي جي مطابق پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ شايع ٿيڻ وارو ڪتاب آهي، **(فيضانِ سنّت مان ورتل تقريظ)**

www.dawateislami.net

**صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد**

**اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جي اعليٰ مقام ۽ عظمت جو اندازو اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تعالىٰ عَلَيْهِ جي هن مبارڪ فتويٰ مان لڳائي سگهجي ٿو. (جيڪا پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تعالىٰ عَلَيْهِ ان سنّي

حنفي شخص جي باري ۾ ڏني جنهن جون دين جي باري ۾ خدمتون اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي ديني خدمتن سان ملندڙ جُلندڙ هيون)

## امامِ اهلسنت عليه رحمة الرحمٰن جي مبارڪ فتويٰ

امامِ اهلسنّت، مجددِ دين و ملت اعليٰ حضرت مولانا الشّاهه اَمام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن کان هڪ سنّي حنفي شخص جي باري ۾ ڪجهه هن طرح سوال ٿيو اسان اهڙي شخص سان **عقيدت** رکون يا نه؟ جنهن جي بيانن جي اثر سان شرڪ ۽ بدعتون وغيره مِٽجي وڃن ٿيون، ۽ هزارين مسلمان، جيڪي اسلام جي ضروري شعار ۽ نماز روزي جي مسئلن کان به واقفيّت نه رکندا هئا اهي پاڻ يعني نماز جا مسئلا سيکارڻ جي لاءِ درس و بيان ڪرڻ وارا ۽ مسجد جا امام ٿي ويا ۽ اهو شخص مختلف وقتن ۾ مختلف جاين تي دين جي دشمنن جي مقابلي ۾ علي الاعلان جهادِ لساني (يعني زباني جهاد ڪري ٿو، جيڪڏهن اهڙي شخص کي مسلمان، عالمِ باعمل ۽ انبياء عليهم السلام جو **وارث** سمجهندي ڪجهه روڪ رقم وغيره ان جي خواهش ۽ درخواست جي بغير **تعظيم جي طور تي** ان جي نذر ڪن ۽ اسلام وارا اهڙي شخص کي **معتقد عليه** (يعني جنهن شخص سان عقيدت رکي وڃي) تَصَوُّر ڪن يا نه؟ ۽ ان نذر ۽ تحفي جي بدلي اجرِ عظيم حاصل ڪندا يا نه؟

www.dawateislami.net

ان سوال جو جواب ڏيندي اعليٰ حضرت عليه رحمة رب العزت فتاويٰ رضويہ جلد **19** جي صفحي **433** تي لکن ٿا: [1]

جيڪذهن الاواقع (يعني حقيقت ۾) اهو شخص علماءِ اهلسنّت و جماعت ايدهم الله تعاليٰ مان آهي ۽ جيڪي ڳالهيون حقيقت ۾ شرڪ آهن انهن جي معتقد (يعني اعتقاد رکڻ واري) کي مشرڪ چوي ٿو ۽ ان کي مشرڪن جي حڪمن ۾ شامل ڪري ٿو ۽ جيڪي نيون پيدا ڪيل ڳالهيون شريعت جي خلاف ۽ مزاحمِ سنّت (يعني سنّت کي روڪڻ واريون) ايجاد ڪيون ويون انهن کي بدعتِ شرعيہ و مذمومہ و شنعيہ (يعني بري بدعت) ڄاڻي ٿو ۽ انهن کي نهي ۽ تحذير (يعني منع ڪندو ۽ خوف ٻُڌائيندو) آهي، ۽ شعائرِ اسلام (مثال طور مسجدون، اذان، حج وغيره) ۽ نماز صلوٰةَ والصيام (نماز ۽ روزا) وغيره جا مسئلا صحيح سيکاري ٿو ۽ شرطن ۽ قاعدن جي شرطن سان احتساب امر بالمعروف و نهي عن المنڪر (يعني سهڻي انداز ۾ نيڪيءَ جو حڪم ڪرڻ ۽ بُرائيءَ کان منع ڪرڻ) بجا آڻي ٿو، ۽ وعظ ۾ باطل روايتن، خرافاتِ مخترعہ (يعني من گهڙت بڪواس) ۽ بيانات مشيرهءِ اوهام ( يعني اهڙيون ڳالهيون جيڪي وهم تي مشتمل هجن) جي بيان ڪرڻ ۽ مفسدهءِ خياﻻتِ عوام (يعني عام ماڻهن ۾ موجود غلط خيالن

---

[1] هن فتويٰ ۾ جتي ڏکيا لفظ محسوس ٿيا انهن جي رواني کي سامهون رکندي انهن جي معنيٰ شامل ڪئي وئي آهي تہ جيئن سمجهڻ ۾ آساني ٿئي. ....... علميه

www.dawateislami.net

ڪان بچي ٿو ۽ علمِ ڪافي و فهمِ صافي (يعني واضح سمجهہ) سان هدايت ۽ ارشاد ۾ صحيح شرعي معيار تي هلي ٿو تہ ان کي نہ صرف عالم بلڪ هن زماني ۾ دين ۽ سنّت جو ٿنڀو ۽ **خلفاءِ** راشدين عليه افضل الصلوٰة والتحية (يعني سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تعالٰى عليه وآلهٖ وسلّم جو "خليفو" ۽ "نائب") ۽ **اولياءِ جنابِ احديت آلاء جلت** (يعني **الله جل جلاله** جي اولياءِ ڪاملين ۽ اعليٰ نعمتن مان) **سمجهڻ گهرجي** ۽ ان جي جيڪا خدمت ٿي سگهي بِنهي جهانن جي ڪاميابي ۽ ربّ المشرقين جي رضا ۽ سيّد الڪونين جي خوشنودي آهي.

(والله سبحٰنہ و تعاليٰ اعلم) (ماخوذ از فتاويٰ رضويہ ج 19 ص 433)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اعليٰ حضرت عليه رحمة رب العزت جي اها مبارڪ فتويٰ في زمانہ اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه ۽ هر ان سنّي عالم ۽ مبلغ جيڪي هن مبارڪ فتويٰ جي مطابق سنّتن جون ڏومون مچائيندا آهن انهن جي ذاتِ مقدسہ جي مڪمل عڪاسي ٿي ڪري. اعليٰ حضرت عليه رحمة رب العزت هڪ علائقي يا شهر ۾ مدني ڪم جي لاءِ ڪوشش فرمائڻ واري عالمِ اهلسنّت جي لاءِ فرمايو تہ انهن کي نہ صرف عالم بلڪ هن زماني ۾ **دين ۽ سنت جو ٿنڀو**، سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تعالٰى عليه وآلهٖ وسلّم جو **خليفو ۽ نائب** ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي **ڪامل اولياء** مان ڄاڻڻ گهرجي تہ جنهن هستيءَ کي دنيا **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليہ جي نالي سان سڏي ٿي، جن جي **تقويٰ**،

www.dawateislami.net

پهرن جو اٽڪل 1:00 وڳي احمد پور شرقيہ (پنجاب) ۾ علامہ فيضي صاحب رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ جي صاحبزادن سان جڏهن ذڪر ڪيل واقعي جي باري ۾ ڳالهہ ٻولهہ ٿي تہ انهن ان جي تصديق صحي سميت اهڙي طرح فرمائي تہ **اهو ايمان افروز واقعو خود اسان جي بابا سائين جو ئي آهي**. ذاتي محفلن ۾ ڪافي پيرا اهي پنهنجي حوالي سان ٻُڌائيندا هئا نہ تہ اڪثر عاجزي فرمائيندي پنهنجي نالي جي اظهار بدران "هڪ شخص" چئي پاڻ ڪي لڪائيندا هئا. بابا سائين جي سامهون جيڪڏهن ڪو شخص **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جي خلاف ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندو هو تہ ڪاوڙجي پاڻ رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ جلال جي ڪيفيّت ۾ فرمائيندا هئا، خاموش رهو! مون اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه کي سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جي بارگاهہ ۾ تمام سُني حال ۾ ڏٺو آهي. انهن جو بارگاهہ رسالت صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم ۾ ڪيڏو وڏو مرتبو آهي اهو مون کي معلوم آهي توهان نہ ٿا ڄاڻو)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جو عطار دامت برڪاتهم العاليہ جي نالي پيغام

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي علائقي گارڊن ويسٽ جي رهواسي 37 سالہ اسلامي ڀاءُ جي حلفيہ بيان جو خلاصو آهي تہ سن 1418ھ، سن 1996ع ۾ مون کي امڙ سان گڏ حج بيت الله جي سعادت نصيب ٿي. خميس جي ڏينهن

www.dawateislami.net

عصر جي نماز کان پوءِ مسجدِ نبوي شريف ۾ **بارگاهِ رسالت** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ قدمين شريفين جي پاسي کان حاضر ٿي مٿو جهڪائي **درود و سلام** جا نذرانا پيش ڪري رهيو هئس ته اوچتو منهنجي قسمت جو ستارو چمڪيو، مان **بلڪل سجاڳيءَ واري حالت** ۾ ڏٺو ته منهنجا پيارا پيارا، جان کان به پيارا آقا، اسان بيڪسن جا مددگار، باذنِ پروردگار، **ٻنهي جهانن جا مالڪ** ۽ **مختار** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما آهن. سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مبارڪ چَپَ چُرڻ لڳا، رحمت جا گل ڇڻڻ لڳا. لفظن ڪي هيئن ترتيب ملي. "**منهنجا عطار**[1] **هن ٻيري مديني ڇو نه آيا! انهن تي منهنجا سلام پهچجو ۽ چئجو ته اهي مديني اچن، چاهي ڪجهه ڏهاڙين جي لاءِ ئي اچن**" مون بي اختيار ٿي اڳتي وڌي مبارڪ هٿن کي چمڻ جي سعادت حاصل ڪئي. ڏسندي ئي ڏسندي پيارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف وٺي ويا.

**بارگاهِ رسالت** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اهو **پيغام** ۽ **سلام** جڏهن باب المدينه (ڪراچي) ۾ اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه تائين پهتو ته پاڻ بي قرار ٿي ويا ۽ سفر جي تياري شروع فرمايائون.

اپنا جانا اور ہے، ان کا بلانا اور ہے

[1] شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه جو تخلص "عطار" آهي.

www.dawateislami.net

صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم
# جب بُلایا آقا نے خود ہی انتظام ہو گئے

اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه پاڪستان مان حج جي ويزا **VISA** حاصل ڪرڻ ۾ ناڪامي تي هڪ اسلامي ڀاءُ ڪي ساڻ ڪري ٻئي **VISIT VISA** تي عرب عمارات پهتا. اتي ٻُڌايو ويو ته غير ملڪين کي **VISIT VISA** تي حج جي ويزا ناهي ملندي. جلدي ويزا ملڻ هڪ تمام ڏکيو ڪم هو پر **بارگاهِ رسالت** صَلَّى اللهُ تعالى عليه واله وسلم جي ان پيغام تي **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جو يقين مرحبا! احرام ۾ وار نه ڇڻن ان ڪري پاڻ مٿي جا وار ڪوڙايائون، اجتماع ذڪر و نعت جي ترڪيب به ٿي. ان بِشارتِ عظميٰ جي هر هنڌ هاڪ هئي. اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ تعالى عليه واله وسلم ۾ استغاثو پيش ڪيو ته اوهان جي پيغام جي جي بجا آوري ۾ حاضريءَ جون تياريون مڪمل ڪري ورتيون آهن. **هاڻي منهنجي لاءِ اوهان جي هٿن ۾ آهي.** آخرڪار ڪين حج جي ويزا ملي وئي پر ٻئي اسلامي ڀاءُ کي نه ملي سگهي. الحمدلله عَزَّوَجَلَّ پاڻ خشڪي جي رستي(**BY-ROAD**) مديني جي سفر تي روانا ٿي ويا.

www.dawateislami.net

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# سوانح حياتِ جي ضرورت ۽ افاديت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيشڪ بزرگانِ دين عليهم رحمة الله المبين جي زندگي جي ڪتاب جي هر صفحي ۾ اسان جي رهنمائي جا نڪتا هوندا آهن. هي اهي هستيون آهن جن جون ڏينهن ۽ راتيون پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ گذرنديون آهن.جنّت جون **نعمتون**، آخرت جون فرحتون ۽ خاص طور تي **خالقِ حقيقي** عَزَّوَجَلَّ جي **ديدار** جون لذتون انهن ڪي سامهون نظر اينديون آهن. اهي ئي نيڪ هستيون آهن جن جي ذڪر سان دلين ڪي **فرحت**، روحن ڪي **مسرت** ۽ فڪر ۽ نظر ڪي **جودَت** (يعني تيزي) ملندي آهي ۽ ذڪر ڪرڻ واري تي رحمت نازل ٿيندي آهي. حضرتِ سيّدُنا سفيان بن عيينہ رَحۡمَةُاللہِتعالیٰعلیہ فرمائن ٿا: **”عِنۡدَ ذِكۡرِ الصَّالِحِيۡنَ تَنۡزِلُ الرَّحۡمَةُ** يعني نيڪ ماڻهن جي ذڪر جي وقت رحمت نازل ٿيندي آهي.“ **(حلية الاولياء ، رقم 10750 ج 7 ص 335 دار الكتب العلمية بيروت)**

**الله** عَزَّوَجَلَّ جي انهن ولين جي نقشِ قدم تي هلي اسان بہ دنيا ۽ آخرت جون ڪوڙ ساريون نيڪيون حاصل ڪري سگهون ٿا. **شايد** انهيءَ مقدس جذبي جي تحت مؤلفن ۽ تاريخدانن انهن بزرگن جي **زندگي وارا واقعا** لکيا آهن. پر ڪجھ مثالن ڪي چڱي ڏنو وڃي تہ اسان پنهنجي **اڪابرن** (يعني بزرگن) جي حيات ۽ خدمتن ڪي

www.dawateislami.net

انهن جي ظاهري زندگي ۾ محفوظ ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا آهيون، اهي **جليل القدر** هستيون جن جون راتيون ۽ ڏينهن اسان جي سامهون گذرندا آهن انهن جا تمام **اهم واقعا** اسان جي نگاهن جي سامهون پيش ايندا آهن جن ۾ ٻين جي لاءِ **نصيحت** ۽ **عبرت** جا ڪيترائي مدني گل هوندا آهن پر اسان انهن کي پنهنجي يادداشت جي حد تائين محدود رکندا آهيون ٻين تائين پهچائڻ جي تڪليف ناهيون ڪندا. پوءِ جڏهن ڪا عظيم شخصيت دنيا مان موڪلائي ويندي آهي ته ڪافي عرصو گذري وڃڻ ڪان پوءِ جڏهن انهن جي باري ۾ براهِ راست ڄاڻڻ ۽ ٻُڌائڻ وارا به قبر ۾ پهتل هوندا آهن ته اسان انهن جي **زندگي** ۽ **سندن خدمتن** کي لفظن جي روپ ۾ سهڻي نموني پيش ڪندا آهيون، پر ان ۾ نقصان اهو هوندو آهي ته انهن جي **سيرت** جا ڪيترائي حصا بيان ڪرڻ کان رهجي ويندا آهن ڇوته وڃڻ وارا پاڻ سان گڏ گهڻو ڪجھ کڻي ويندا آهن. ان وقت سوانح حيات لکڻ وارو ويچارو ڇا ڪندو؟ جن موضوعن تي مواد ئي نه هجي انهن تي ڇا لکندو؟ پنهنجي مهارت کي استعمال ڪندي ڪيترا نوان مضمون پيدا ڪندو؟ ان عظيم شخصيت جي عظمتن کي سونهري ورقن ۾ ڪيئن محفوظ ڪندو؟ اعلي حضرت، مجددِ دين و ملت الشّاه امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن پنهنجي ٻئي حج واري

www.dawateislami.net

سفر جا واقعا بيان ڪندي ان ڏانهن توجه ڏياري آهي، جيئن ته پاڻ فرمائن ٿا: **هن قسم** جا واقعا گهٽا هئا پر ياد ناهن. جيڪڏهن انهيءَ وقت لکيا وڃن ها ته محفوظ رهن ها پر ان جو اسان جي ساٿين مان ڪنهن کي احساس به نه هو. (ملفوظات، حصو 2)

## اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه جو تذڪرو

انهن سيني ڳالهين جي هوندي ضروري هو ته اميرِ اهلسنت **دامت برڪاتهم العاليه** جي ظاهري حياتيءَ ۾ ئي سندن زندگيءَ جون قيمتي گهڙيون ڪتاب جي شڪل ۾ محفوظ ڪيون وڃن. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ اميرِ اهلسنت **دامت برڪاتهم العاليه** هن وقت تائين زندگيءَ جون 57 بهارون ڏسي چُڪا آهن، سوچيو ته سهي هڪ اهڙي هستي جيڪا ننڍپڻ کان وٺي هن وقت تائين **مسلسل جدوجهد** ۾ هجي، سنتن جي خدمت ۾ ڪيترن ئي سالن کان اهڙا ته مشغول آهن جو جيڪڏهن آپريشن ۾ ڪجھ گهڙيون انتظار ڪرايو ويو ته پاڻ انهن گهڙين ۾به تحريري ڪم ۾ مصروف ٿي وڃن، ۽ پوءِ پاڻ پنهنجي مدني ڪمن ۾ مصروف رهڻ جي جذبي جو اظهار هيئن ڪن ٿا ته "منهنجو وس هلي ته مان ننڊ به نه ڪيان جو اجان ايترو ڪم باقي آهي." جنهن **راهِ خدا** عَزَّوَجَلَّ ۾ هزارين **ميلن جو سفر** ڪيو هجي، شهر شهر ڳوٺ ڳوٺ جنهن مدني دؤرا ڪيا هجن، ان دؤران جيترن مسجدن ۾ انهن

www.dawateislami.net

نمازون ادا ڪيون آهن شايد ئي ڪنهن ادا ڪيون هجن، جنهن **هزارين اجتماعن** ۾ لکين ماڻهن جي سامهون بيان ڪيا هجن، جنهن جي بيانن ۽ مدني مذاڪرن جون **لکين** ڪيسيٽون ۽ وي سي ڊيز دنيا ۾ ڪپنديون هجن، جنهن جي هڪ جهلڪ ڏسڻ جي لاءِ لکن جو **هجوم** بي قابو ٿي وڃي، جنهن سان ڪجهه گهڙين جي **ملاقات** جي لاءِ عقيدت مند ڪلاڪن جا ڪلاڪ قطار ۾ بيهندا هجن، اهو ڪتاب جيڪو مارڪيٽ ۾ ڪجهه روپين ۾ ملي سگهي، پر ان جي هٿ ۾ اچي ته **تبرڪ** جا طلبگار انهيءَ ڪتاب جا 12 لک ڏيڻ تي به تيار ٿي وڃن پر هو اهڙو **قناعت پسند** جو پنهنجي تحريرن يا بيانن جي ڪيسيٽ يا وي سي ڊي جي بدلي هڪ پائي به **پنهنجي لاءِ وٺڻ جي لاءِ تيار نه هجي**، جنهن جي ڪوشش سان دنيا ۾ **ڪروڙين مسلمانن کي توبهه جي سعادت ملي** ۽ صلوٰة و سنت جي رستي تي هلڻ نصيب ٿيو هجي، جنهن جي سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح جي ڪوشش سان سوين مسجدون تعمير ٿي چُڪيون هجن، جنهن جي نگاهِ فيض سان هزارين **مدارس المدينه** ۽ 100 کان وڌيڪ **جامعة المدينه** قائم ٿيا هجن ۽ اتان کان فارغ التحصيل ٿيڻ وارا هزارين **حافظ** سندس دستِ شفقت سان سَندون ۽ سوين عالم ان جي هٿ سان دستار بندي جو شرف حاصل ڪري چڪا هجن، ڪيترائي **عالم**

www.dawateislami.net

**مفتي** بڻجڻ جي سعادت حاصل ڪري چڪا هجن، جنهن مان سوين **ڪرامتون** ظاهر ٿيون هجن، جنهن جي **دعا** جون برڪتون حاصل ڪرڻ وارا هزارين هجن، جنهن جي **روحاني علاج** سان مستفيض ٿيڻ وارا لکن ۾ هجن، جنهن جي **انفرادي ڪوشش** هزارن جي تقدير بدلائي هجي، جنهن جي تقويٰ ۽ پرهيزگاري، مسلمانن جي خيرخواهي، عاجزي، ملنساري، صبر، تحمل، بردباري مطلب تہ **حسن اخلاق** جي هر هر شعبي جون هزارين **ايمان افروز حڪايتون** جنهن جي دامن سان جُڙيل هجن. اهڙي عظيم شخصيت جي وڪريل **زندگي جي واقعن کي گڏ ڪرڻ جي ڪيتري ضرورت آهي؟** موجوده ۽ ايندڙ نسلن کي اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه جي عظمتن کان متعارف ڪرائڻ يقينًا **اسان جي تاريخي ذميداري آهي.**

www.dawateislami.net

## شعبہ اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه (المدينة العلميہ)

تمام ضروري هو جو شيخ طريقت،**اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جهڙي عظيم الشّان شخصيت جي عڪاسي ڪرڻ جي لاءِ اهڙو"**اميرِ اهلسنت جو تذڪرو**" تيار ڪيو وڃي جيڪو بُڌل ڳالهين ۽ غير مستند يا ڪمزور روايتن جو مرڪب نہ هجي بلڪ ان جي امانت ۽ ديانت سان گڏ يقين جي حد تائين **سچي ڳالهہ** نقل ڪئي وڃي، جيترو ٿي سگهي روايت ڪرڻ واري سان ذاتي طور تي

ملاقات يا رابطو ڪري رابطو ڪري **تصديق** ڪئي وڃي، غير شرعي اضافي ڪان بچيو وڃي ان ۾ جيڪي **حڪايتون** شامل ڪيون وڃن انهن ڪي رڳو عقيدت جي نگاهه سان نہ بلڪ حقيقت جي نظر سان بہ ڏٺو وڃي تہ جيئن انهن حڪايتن ڪي عقيدت جو **ڪرشمو** قرار نہ ڏئي سگهجي. ان ۾ شامل معلومات اهڙي مستند هجي جو تاريخ ۾ ان ڪي **ماخذِ اول** جي حيثيت حاصل هجي.

انهيءَ اهم تاريخي ذميداري ڪي نڀائڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مجلس المدينة العلميه جي شعبي اميرِ اهلسنّت جو قيام عمل ۾ آندو ويو. امت جي اصلاح ۽ خيرخواهي جي مقدس جذبي جي تحت هن شعبي اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه جي مبارڪ زندگي جي روشن باب مثال طور سندن زندگي جي **ابتدائي حالاتن**، روزمره جي **معمولاتن**، سندن **عباداتن**، **مجاهداتن**، **اخلاقيات** ۽ **ديني خدمات** جي واقعات سان گڏوگڏ سندن ذات مان ظاهر ٿيندڙ **برڪتن** ۽ **ڪرامتن** ۽ سندن **تصنيفن**، **خطن**، **بيانن** و **ملفوظات** جي **فيض** ڪي مختصر رسالن جي صورت ۾ شايع ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي تہ جيئن وچولي طبقي سان تعلق رکڻ وارا اسلامي ڀائر بہ انهن ڪي آسانيءَ سان حاصل ڪري فائدو حاصل ڪري سگهن. انهن مان ڪجهہ رسالا شايع ٿي چڪا آهن. مناسب وقت تي انهن سڀني رسالن ڪي هڪ **مجموعي**

www.dawateislami.net

جي صورت ۾ بہ شايع ڪيو ويندو. انهن رسالن ۾ اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جهڙي عظيم ۽ فهيم شخصيت جي عالمي سطح جي ديني خدمتن ۽ سندن ديني سيرت ۽ مبارڪ عادتن جي باري ۾ اعتبار جوڳن ذريعن سان حاصل ڪيل معلومات مهيا ڪرڻ سان گڏوگڏ پڙهندڙن جي دلچسپيءَ کي سامهون رکندي ايمان افروز سچيون **حڪايتون** بہ شامل ڪيون وينديون. انهن رسالن ۾ شامل آيتن جا ترجما، امامِ اهلسنت، عظيم المرتبت، مولانا الشّاه احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن جي شهرهءِ آفاق ترجمهءِ قرآن ڪنزالايمان شريف مان ورتا ويندا ۽ احاديثِ مبارڪ جا مڪمل حوالہ ڪتاب جو نالو، جلد ۽ صفحو نمبر سان گڏ ڏيڻ جي ڪوشش آهي ۽ ڏکين لفظن تي **تلفظ** جي درست ادائيگيءَ جي لاءِ اعراب لڳائڻ جي ڪوشش بہ ڪئي ويندي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هڪ پاسي اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي عظيم المرتبت شخصيت ٻئي پاسي اسان جي گهٽ حيثيت، پر حُسنِ عقيدت ۽ احساسِ ذميداري حوصلو وڌايو ۽ "**اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليہ **جو تذڪرو**" جو **پهريون حصو** اوهان جي هٿن ۾ آهي. ان شآءَالله عزوجل ٻئي حصي ۾ اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليہ جي مبارڪ زندگي جا "**ابتدائي حالات ۽ ننڍپڻ ۽ جواني**" جا ايمان افروز واقعا پيش ڪيا ويندا.

www.dawateislami.net

الله عَزَّوَجَلَّ ڪان دعا آهي تہ اسان کي قبلہ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت دامت برکاتهم العاليہ جي صحبت ۾ "**پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش**" جي لاءِ مدني انعامات جي مطابق عمل ۽ مدني قافلن جو مسافر بڻجندو رهڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ **دعوتِ اسلامي** جي سڀني مجلسن سان گڏ مجلس المدينة العلميہ کي ڏينهن پنجويهين ۽ رات چويهين ترقي عطا فرمائي.

آمين بجاه النبي الامين صَلَّى اللهُ تعالىٰ عليه واٰلهٖ وسلم

**شعبہ اميرِ اهلسنت** دامت برکاتهم العاليہ

مجلس المدينة العلميہ (**دعوتِ اسلامي**)

www.dawateislami.net

## هي رسالو پڙهي ٻئي کي ڏئي ڇڏيو

شادي غمي جي موقعن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي محفلن وغيره ۾ مڪتبۃ المدينہ جي ڇپيل رسالن ۽ مدني گلن تي مشتمل پمفليٽ ورهائي ثواب ڪمايو، گراهڪ کي بہ ثواب جي نيت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪان تي بہ رسالا رکڻ جو معمول بڻايو، هاڪرن يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ هڪ سنتن ڀريو رسالو يا مدني گلن جو پمفليٽ پهچائي ڪري نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# غور سان پڙهي پوءِ هي فارم ڀري ۽ وڌيڪ تفصيل هيٺ لکي ڏيو

جيڪو اسلامي ڀاءُ فيضانِ سنّت يا اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جا ڪتاب يا رسالا ٻُڌي يا پڙهي ڪري، بيان جي ڪيسيٽ ٻُڌي يا هفتيوار، صوبائي يا بين الاقوامي اجتماعن ۾ شرڪت يا مدني قافلن ۾ سفر يا **دعوتِ اسلامي** جي ڪنهن ٻـ مدني ڪم ۾ شموليت جي بَرَڪت سان مدني ماحول سان وابستہ ٿيو، زندگيءَ ۾ مدني انقلاب برپا ٿيس، نمازي بڻجي ويو، ڏاڙهي، عمامو شريف سينگارجي ويو، توهان کي يا ڪنهن مٺ مائٽ کي حيرت انگيز طور تي صحت ملي، پريشاني دور ٿي، يا مرڻ وقت ڪلمهءِ طيبه نصيب ٿيو يا چڱي حالت ۾ روح قبض ٿيو، مرحوم کي چڱي حالت ۾ خواب ۾ ڏٺو، بشارت وغيره ملي يا تعويذاتِ عطاريه جي ذريعي آفتن ۽ مصيبتن کان نجات ملي هجي تہ هٿوهٿ هن فارم کي ڀري ۽ واقعي جو تفصيل لکي ڪري هن پتي تي موڪلي احسان فرمايو "محلہ سوداگران پُراڻي سبزي منڊي (باب المدينه) ڪراچي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه "شعبہ اميرِ اهلسنت (دامت برڪاتهم العاليہ) مجلس المدينة العلميہ".

www.dawateislami.net

نـــــالو پـــــيءُ جـــــي نـــــالي ســــــميت :..........................................

عمر...........................ڪنهن ڪان مُريد يا طالب

آهيو.................

خط ملڻ جو

پتو.....................................................................

.................

.....................................................................

.........................

فون نمبر (ڪوڊ نمبر سميت)

:..................................................................

اي ميل

www.dawateislami.net

ايڊريس:.............................................................

.............

ڪيسيٽ، رسالي، قافلي يا ڪنهن به مدني ڪم جي دعوت پيش ڪرڻ واري جو

نالو:..............................................................

...

انقلابي ڪيسيٽ يا رسالي جو نالو

:.........................................

ٻُڌڻ، پڙهڻ، يا واقعو ظاهر ٿيڻ جي تاريخ / مهينو/ سال.............

ڪيترن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر

ڪيو...............

**موجوده تنظيمي ذميداري**

..................................................

**مٿي ذڪر ٿيل ذريعن سان جيڪي برڪتون حاصل ٿيون، فلاڻيون فلاڻيون بُرايون ختم ٿيون اهي تفصيلي طور تي ۽ اڳ ۾ پيدا ٿيندڙ ڪيفيت (جيڪڏهن عبرت جي لاءِ لکڻ چاهيو) مثال طور فيشن پرستي، ڦر وغيره ۽ اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليہ جي ذاتِ مبارڪه کان ظاهر ٿيڻ وارين برڪتن ۽ ڪرامتن جا ”ايمان افروز واقعا“ جاءِ ۽ تاريخ سان گڏ هڪ صفحي تي تفصيلي طور لکي ڏيو.**

www.dawateislami.net

# مدني مشورو

**الحمدلله** عزوجل شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت بانيءِ **دعوتِ اسلامي** حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار قادري** رضوي ضيائي **دامت برڪاتهم العاليه** سلسلهءِ هن دؤر جا اهي بي مثال بزرگ آهن جن جي شرفِ بيعت جي بَرَڪت سان لکين مسلمان گناهن ڀري زندگيءَ کان توبهہ ڪري الله رحمٰن عزوجل جي حڪمن ۽ ان جي پياري حبيب صلى الله تعالیٰ عليه واٰله وسلم جي سنتن جي مطابق پرسڪون زندگي گذاري رهيا آهن. مسلمانن جي خيرخواهي واري مقدس جذبي تحت اسان جو مدني مشورو آهي تہ جيڪڏهن توهان اڃان تائين ڪنهن جامع شرائط پير صاحب کان بيعت نہ ٿيا آهيو تہ شيخ طريقت،اميرِ اهلسنت **دامت برڪاتهم العاليہ** جي فيض ۽ برڪتن

ڪان مستفيد ٿيڻ جي لاءِ انهن سان بيعت ٿي وڃو. ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ۽ ڪامراني نصيب ٿيندي،

# مريد بڻجڻ جو طريقو

جيڪڏهن توهان مُريد بڻجڻ ٿا چاهيو ته پنهنجو ۽ جن کي **مريد يا طالب** بڻائڻ ٿا چاهيو ته انهن جو نالو هڪ صفحي تي ترتيبوار ولديت ۽ عمر سميت لکي ڪري **عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي** "**مڪتب مجلس مڪتوبات و تعويذاتِ عطاريہ**"جي پتي تي روانو فرمائي ڇڏيو، ته ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ انهن کي بہ سلسلهٴ **قادريه رضويه عطاريه** ۾ داخل ڪيو ويندو. (پتو انگريزي جي وڏن اکرن ۾ لکو)

E-Mail: Attar@dawateislami.net

www.dawateislami.net

﴿1﴾ نالو ۽ پتو بال پين سان ۽ بلڪل صاف لکو، غير مشهور نالو يا لفظن تي لازمي طور اعراب لڳايو. جيڪڏهن سيني نالن جي لاءِ هڪ ئي پتو ڪافي هجي ته ٻيو پتو لکڻ جي ضرورت ناهي.

﴿2﴾ ايڊريس ۾ مَحرم يا سرپرست جو نالو ضرور لکو.

﴿3﴾ الڳ الڳ مڪتوبات گهرائڻ جي لاءِ جوابي لفافو ساڻ ضرور موڪليو.

| نمبر شمار | نالو | مرد/ عورت | بن/بنت | پيءُ جو نالو | عمر | مڪمل ايڊريس |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |

**مدني مشورو** : هن فارم کي محفوظ ڪري ڇڏيو ، ۽ ان جون وڌيڪ ڪاپيون ڪرائي رکو.

www.dawateislami.net

www.dawateislami.net

## هي رسالو پڙهي ٻئي کي ڏئي ڇڏيو

شادي غمي جي موقعن،اجتماعن،عرسن ۽ ميلاد جي محفلن وغيره ۾ مڪتبة المدينه جي ڇپيل رسالن ۽ مدني گلن تي مشتمل پمفليٽ ورهائي ثواب ڪمايو، گراهڪ کي به ثواب جي نيت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪان تي به رسالا رکڻ جو معمول بڻايو، هاڪرن يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ هڪ سنتن ڀريو رسالو يا مدني گلن جو پمفليٽ پهچائي ڪري نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو.